# اهلِ صُفه جا فضائل

**07-August-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



7 آگسٽ، 2025ع (بمطابق: 12 صفر شريف، 1447ھ) و تي پاڪستان جي
هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اهلِ صُفہ جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿.. دعاءِ مصطفيٰ جي برڪت ..........
- ✿.. اصحابِ صُفہ جي عزت افزائي .........
- ✿.. هڪ ڳِرهہ سان پيٽ پُرجي ويو .........
- ✿.. شڪريہ مون کان بيان ڪرايو ويو ......

پیشکش
اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیَّۃ
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ط وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم: كُلُّ كَلَامٍ لَّا يُذْكَرُ اللّٰهُ تَعَالٰى فِيْهِ فَيُبْدَأُ بِهٖ وَبِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَهُوَ مَمْحُوْقٌ مِنْ كُلِّ بَرَكَةٍ

ترجمو: هر اھا ڳالھ جيڪا اللہ پاڪ جي ذڪر ۽ مون تي درود پاڪ پڙھڻ کان سواءِ شروع ڪئي وئي اھا هر قسم جي برڪت کان محروم ۽ خالي آھي.(1)

نبی کی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو — محبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر ، درود پڑھو
جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو — ہر ایک کام میں تم پیشتر، درود پڑھو
نبی کے صدقے تمہاری مُراد ہو حَاصِل — دُعاکے اوّل و آخر اگر درود پڑھو
ہزار درد کو یہ اِک دوا کفایت ہے — جو پیش آئے ذرا بھی خطر، درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آھي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آھي.(3)

[1]... القول البديع، صفحہ:244۔
[2]... نورِ ایمان، صفحہ:56 – 57ملتقطاً۔
3... بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيانَ ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري ونون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعاءِ مصطفيٰ جي برڪت

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي آهن، فرمائن ٿا: هڪ دفعو رمضان شريف جو مبارڪ مهينو هو، اسان **اصحابِ صُفہ** (يعني پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ديني علم سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ مسجد نبوي شريف ۾ قيام ڪرڻ وارن صحابهءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم) جو معمول مبارڪ هي هو تہ روزانو روزو رکندا هئا، افطار جي وقت ڪو مالدار صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اسان کي پنهنجي گهر وٺي ويندو هو ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان روزو افطار ڪرائيندو هو.

۞ هڪ ڀيري هيئن ٿيو جو ڪو بہ اسان کي وٺڻ نہ آيو، اسان ائين ئي بغير کائڻ پيئڻ جي سڄي رات گذاري ڇڏي ۞ ٻئي ڏينهن وري روزي جي نيت ڪئي، ان رات بہ ڪونہ آيو، اسان اها رات بہ بک ۾ گذاري ۞ ٽين رات بہ ائين ئي ٿيو، هاڻي ٽن ڏينهن جا لڳاتار روزا اسان بِنا ڪجهه کائڻ پيئڻ جي رکي چڪا هئاسين، بک جي سخت شدت هئي، هاڻي تہ جسم ۾ وڏيڪ سِگهَت بہ نہ رهي هئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي ادا نوٽ ڪريو! ٽن ڏينهن جي بک، لڳاتار روزا ۽ کائڻ لاءِ ڪجهه ميسر نہ پئي ٿيو، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم اُنَ مشڪل گهڙيءَ ۾ ڇا ڪيو...؟؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

وہ ہی رب ہے جس نے تجھ کو ہمہ تن کرم بنایا | ہمیں بھیک مانگنے کو ترا آستاں بتایا
تجھے حمد ہے خدایا

سُبْحٰنَ الله! ڪنهن عاشقِ رسول چيو آهي:

کسی کا اِحسان کیوں اُٹھائیں، کسی کو حالات کیوں بتائیں
تمہیں سے مانگیں گے، تم ہی دو گے، تمہارے در سے ہی لو لگی ہے

خير! **اصحابِ صفه** ٽي روزا رکيا، افطار جي وقت کائڻ لاءِ ڪجهه نہ مليو، مسلسل ٽن ڏينهن جي بک آهي، طاقت جواب ڏئي رهي آهي، صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم ڇا ڪيو...؟ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويا، سچي ماجرا عرض ڪيائون.

رب کے پیارے، راج دلارے | ہم ہیں تمہارے، تم ہو ہمارے
اے دامان رحمت والے، تم پر لاکھوں سلام [1]

پياري نبي، سهڻي نبي، سچي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهريان تہ ازواجِ مطهرات ڏانهن پيغام موڪليو، فرمايائون: گهر ۾ ڪجهه کائڻ لاءِ هجي تہ موڪلي ڏيو. جواب آيو تہ **جيڪو ڪجهه هو، سو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، هاڻي گهر ۾ ڪجهه بہ نہ آهي**. الله! الله!

نعمتیں تم آوروں کو کھلاؤ | خود تو جو کی کھاؤ
نان جویں پر قناعت والے تم پر لاکھوں سلام
دولت دو عالم کو بانٹو | اپنے پیٹ پہ پتھر باندھو
اللہ! اللہ! سخاوت والے تم پر لاکھوں سلام

گهر ۾ في الوقت کائڻ لاءِ ڪجهه بہ نہ هو ...!!

اور نہ کہنا نہیں عادت رسول اللہ کی

تنهنڪري محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اصحابِ صفه** کي فرمايو: سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿيو! **اصحابِ صفه** گڏ ٿيا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمائي:

---

[1] سامانِ بخشش، صفحہ:90۔

اَللّٰھُمَّ اِنَّا نَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ وَ رَحْمَتِكَ

يعني اي الله پاڪ! اسان توکان تنھنجي فضل ۽ رحمت جو سوال ڪيون ٿا.

راوي فرمائن ٿا: اجان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا پوري بہ نہ فرمائي ھئي تہ ان کان پھريان ئي ھڪ صحابي ڀُڳل ٻڪري ۽ مانيون کڻي حاضر ٿيو. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کاڌو اسان جي سامھون رکرايو ۽ اسان پيٽ ڀري کاڌو.[1]

کیوں بھٹکتے پھریں سرکار کے بندے دَر دَر؟ | بگڑیاں سب کی وہ اِک پل میں بنا جانتے ہیں
حق نے تم کو دیا تم بانٹتے ہو عالَم میں | جو مِلا جس کو، تمہارا ہی دیا جانتے ہیں
میرے داتا!مرے مولیٰ! مجھے ٹکڑا مل جائے | بے نوا اِس کے سوا اور نہ صدا جانتے ہیں

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! منھنجي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ شان آھي ...!! الله پاڪ کي سندن رِضا ايتري تہ پسند آھي جو ھيڏانھن لَبِ مبارڪ تي ڳالھ اچي ئي نہ ٿي ۽ ھوڏانھن پوري ڪئي وڃي ٿي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکيو آھي:

اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا | بڑھی ناز سے جب دُعائے مُحَمَّد
اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا | دُلہن بن کے نِکلی دُعائے مُحَمَّد (2)

**وضاحت:** يعني پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دعا جڏھن عزت ۽ شان سان اڳتي وَڌي تہ قبوليت جھڪي ڪيس ڀاڪُر پائي ورتو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دعا ڄڻ تہ ڪُنوار بڻجي نڪرندي آھي، جنھن کي الله پاڪ جي عنايتن جو جوڙو پھريل آھي ۽ قبوليت جو تاج مٿي تي سجايل آھي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اصحابِ صُفہ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! **صفہ**، مسجد نبوي شريف ۾ ھڪ جڳھ جو نالو آھي.

---

[1]... حلية الاولياء، جلد:2، صفحہ:28، رقم:1396ملخصاً۔

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:66۔

اهي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم جيڪي ان جڳهه تي رهندا هئا، انهن کي **اصحابِ صفه** چوندا آهن.(1) حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ، جيڪي پاڻ به اصحابِ صفه مان آهن، فرمائن ٿا: اَهۡلُ الصُّفَّةِ اَضۡيَافُ الۡاِسۡلَامِ يعني اصحابِ صفه اسلام جا مهمان آهن.(2)

اهي صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہم، جن کي پنهنجو ڪو گهر نه هو يا جيڪي پري پري کان دين جو علم سکڻ لاءِ مديني شريف ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ انهن وٽ مديني ۾ ڪا رهائش نه هوندي هئي ته اهي **مقامِ صُفه** تي قيام ڪندا هئا، دنياوي لذتن کان پري، نفساني خواهشن کان پاڪ رهي، ڏينهن رات اتي ئي رهندا هئا، عبادتون ڪندا هئا، ديني علم سکندا ۽ سيکاريندا هئا ۽ دين جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا.

سُبۡحٰنَ الله! **اصحابِ صفه** جو ڪهڙو نه نرالو نصيب هو، هِي اُهي خوشنصيب آهن، جن سخين جي سخي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي در تي مستقل ديرو ڄمائي رکيو هو. مداحِ حبيب حضرت جميل رضوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| درِ اَقدس پہ تمہارے کو پڑے رہتے ہیں | بڑھ کے جنّت سے مدینے کی فضا جانتے ہیں |
| اپنی ہستی کو ترے در پہ مٹا جانتے ہیں | کچھ وہی لُطف فَنا اور بَقا جانتے ہیں |

## اصحابِ صفه جو شان

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَطۡرُدِ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَالۡعَشِيِّ يُرِيۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ ؕ (پارو: 7، سورة انعام: 52) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ انهن ماڻهن کي پري نه ڪر جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي ان جي رِضا چاهيندي پڪاريندا آهن. |

حضرت شيخ سيد علي هجويري داتا صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا هيءَ آيت مبارڪ **اصحابِ صُفه** جي شان ۾ نازل ٿي.(3)

1... لسان العرب، جلد:9، صفحه:195 بتقدم و تاخر۔

2... بخاری، کتاب الرقاق، باب کیف کان عیش النبی...الخ، صفحہ:1588، حدیث:6452۔

3... کَشۡفُ الۡمَحۡجُوب، باب الثانی فی الفقر، صفحہ:24۔

روايت ۾ آهي: هڪ دفعو غير مسلمن ڏنو ته پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي چوڌاري غير مالدار صحابي حاضر آهن، غير مسلمن چيو: اسان کي انهن غريبن سان گڏ ويهڻ ۾ شرم اچي رهيو آهي، انهن کي هتان اُٿاريو وڃي ته اسان ڪلمو پڙهنداسين. غريبن جي آقا، بيڪسن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هن مطالبي مڃڻ کان صاف نڪار ڪري ڇڏيو. ان تي هيءَ آيتِ ڪريمه نازل ٿي، فرمايو ويو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اهي خوشنصيب، نيڪ دل مسلمان جيڪي صبح شام الله پاڪ کي پڪاريندا آهن، عبادت ڪندا آهن، صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جا طلبگار رهندا آهن، انهن کي پاڻ کان پري نه ڪيو.[1]

جو ترا ہو گیا خُدا کا ہوا | جو خُدا کا ہوا، ہوا تیرا
حوصلے کیوں کہیں گھٹیں غریبوں کے | ہے اِرادہ بڑھا ہوا تیرا [2]

## اصحابِ صُفہ جي عزت افزائي

انهن صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي شان ۾ الله پاڪ وڏيڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ لا (پارو:7، سورۃ انعام: 54) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ جڏهن توهان جي بارگاهه ۾ اهي ماڻهو حاضر ٿين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا، ته انهن کي چئو: توهان تي سلام هجي، توهان جي رب پنهنجي ذمي تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي |

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هي پاڪ ماڻهو جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو آهي، جڏهن اهي توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿين ته ۞ توهان انهن جي عزت افزائي ڪريو! ۞ انهن کي سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪريو! ۞ ۽ کين اها خوشخبري ٻڌايو ته الله پاڪ فضل فرمائيندي پنهنجي ذمي تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. (3)

---

1… ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب مجالسۃ الفقراء، صفحہ:671، حدیث:4127ملخصاً

2… ذوقِ نعت، صفحہ:69۔

3… تفسیر صراط الجنان،پارہ:7، سورۂ انعام، زیر آیت:54، جلد:3، صفحہ:118 ۔

حضرت خباب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هي آيتِ ڪريمه نازل ٿيڻ کان پوءِ پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اسان کي پنهنجي ايترو تہ ويجهو ويهاريندا هئا جو اسان جا گوڏا سندن گوڏن سان ملي ويندا هئا. (1)

جب تک بکے نہ تھے، کوئی پوچھتا نہ تھا | آپ نے خرید کر ہمیں انمول کر دیا

## توهان ڪي جنهن تي پيار اچي وڃي

هڪ مقام تي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِیِّ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَ لَا تَعْدُ عَیْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ (پارو: 15، سورة كهف: 28) | ترجمو ڪنز العرفان : ۽ پنهنجي جان کي انهن ماڻهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سڏيندا آهن، ان جي رضا گهرندا آهن ۽ تنهنجيون اکيون انهن کي ڇڏي بين تي نہ پون. |

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آيت ڪريمه به **اصحابِ صفه** جي شان ۾ نازل ٿي، (2) هتي الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي به حڪم ارشاد فرمايا آهن:

**(1):** وَاصْبِرْ نَفْسَكَ يعني اي پيارا محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ کي اصحابِ صفه سان مانوس رکو!

**(2):** وَلَا تَعْدُ عَیْنٰكَ عَنْهُمْ يعني پنهنجيون مقدس مبارڪ نگاهون انهن کان نہ هٽايو!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! **اصحابِ صفه** جي قسمت تان سو ڀيرا جان قربان ...!! ڪهڙو نہ نصيب ماڻيو اٿن. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا:

جس طرف اُٹھ گئی، دم میں دم آگیا | اس نگاہ عنایت پہ لاکھوں سلام (3)

**وضاحت:** يعني پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نگاهن جو هي ڪمال

1... ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب مجالسة الفقراء، صفحہ:671، حدیث:4127ملخصاً۔

2... ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب مجالسة الفقراء، صفحہ:671، حدیث:4127 مختصراً۔

3... حدائق بخشش، صفحہ:300۔

آهي جو جيڪڏهن مُردهہ دلين تي پون تہ اهي جيئريون تي پون، نُورَ سان پرجي وڃن، اهڙين مبارڪ اکين جي عنايت تي لکين سلام هجن.

هي نگاهِ مصطفيٰ جو ئي ڪمال آهي جو جنهن طرف ڪَڃِي وڃِي، تہ مُئَلن ۾ ساهہ وِجهي ڇڏي، بگڙيل قسمت سنواري ڇڏي. اسان جهڙا نِڪَما ترسندا آهن تہ ڪَاش اها زندگي بخش نگاهہ هڪ لمحي جي لاءِ اسان ڪي بہ نصيب ٿي وڃي تہ اسان جا نسل سنورجي وڃن، ٻنهي جهانن جون ڪاميابيون اسان جي قدمن ۾ اچي وڃن، هوڏانهن **اصحابِ صفہ** جو نصيب ڏسو، ربِ ڪائنات فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن کان نگاهہ نہ ڦيريو! **يعني انهن کي پنهنجين نگاهن ۾ رکندا ڪريو!**

ڪاش! **اصحابِ صفہ** جي صدقي اسان نِڪَمن تي بہ ڪرم ٿي وڃي ...!!

خوشا قسمت وہ دم بھر کو جو نظر زندگی بخشیں
یہ عالم زندگی کا زندگی بھر ہو تو کیا کہنا

## مصطفيٰ مِلي وَيا ٻيو ڇا گهرجي!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي بہ غور فرمايو! اللّٰہ پاڪ فرمايو:

وَاصۡبِرۡ نَفۡسَكَ يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ کي **اصحابِ صفہ** سان مانوس رکو!

روايت ۾ آهي: محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو معمول مبارڪ هي هو تہ **اصحابِ صفہ** وٽ تشريف رکندا هئا، ڪو ڪم هوندو هو تہ تشريف وٺي ويندا هئا، جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي، تہ ان کان پوءِ معمول مبارڪ هي ٿي ويو تہ جيسيتائين **اصحابِ صفہ** خدمت ۾ حاضر هوندا هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ تشريف فرما رهندا هئا، جڏهن اهي حضرات اٿندا هئا تڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيڏانهن تشريف وٺي ويندا هئا، ايتري قدر جو پاڻ پنهنجي ڪنهن ضرورت تحت بہ تشريف وٺي نہ ويندا هئا[1].

[1]… ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب مجالسۃ الفقراء، صفحہ:671-672، حديث:4127۔

| | |
|---|---|
| تم عرش کے تاجدار مولی | تم فرش کے باوَقار آقا |
| اس شان کے ہم نے کیا کسی نے | دیکھے نہیں زِنہار آقا |
| سرکار کے تاجدار بندے | سرکار ہیں تاجدار آقا[1] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَصحابِ صُفہ جو ذوقِ عِبَادت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ہہ آيتون پڙھيون، جن ۾ ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ (پارو: 15، سورة کہف: 28) | ترجموکنزالعرفان: صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سڏيندا آهن، ان جي رضا گهرندا آهن. |

**اصحابِ صفہ** جي عبادت جو شوق ڏسو! ڪيترو نہ اعليٰ هوندو هو، جو پاڻ الله پاڪ شاهدي ڏئي رهيو آهي تہ **اصحابِ صفہ** عبادت گذار آهن، صبح شام عبادت ڪندا رهندا آهن ۽ اها عبادت بہ ڪهڙي...؟ رياڪاري يا ڏيکاءَ واري نہ، بلڪ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ يعني **اصحابِ صفہ** نهايت اخلاص سان صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ عبادت ڪندا آهن.

سُبْحٰنَ الله! ڪاش! اسان غلامانِ صحابہ کي بہ عبادت ۽ رياضت جي توفيق نصيب ٿي وڃي. اسان پنهنجي ڏينهن ۽ رات صبح ۽ شام جو جائزو وٺون، ڇا اسان بہ عبادت ڪندا آهيون ...؟ افسوس! اسان جا ڏينهن ۽ راتيون تہ فضوليات ۾ گذرندا رهندا آهن. جيڪڏهن ظاهري نعمتن کي ڏٺو وڃي تہ **اصحابِ صفہ** دنيا کان بي نياز هئا، زُهد وارا هئا. اسان پڙهو تہ ڪڏهن ڪڏهن تہ ٽن ٽن ڏينهن تائين هڪ گِرَهُہ بہ سندن پيٽ ۾ نہ لَهَندو هو، جسم تي پائڻ لاءِ صرف ستر ڍڪڻ جيترو لباس هوندو هو، ان جي باوجود بہ هي حضرات ڏينهن رات عبادت ۾ گذاريندا هئا. ٻئي طرف اسان جو حال ڏسو! هڪ کان هڪ لذيذ کاڌو اسان کائي رهيا آهيون، رات جو کائي سمهندا آهيون، صبح اٿي وري کائيندا آهيون،

[1]... ذوقِ نعت، صفحہ:65-66 ملتقطاً.

اَلحمدُلِلّٰہ! بهترين لباس پائيندا آهيون، پر افسوس! عبادت کان پري ڀڄندا آهيون ۞ ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ ۞ اٿندي ويهندي الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ ۞ درود پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ ۞ سڄي سڄي رات نفل پڙهڻ، اها تہ پري جي ڳالهہ آهي بلڪ اسان ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي آهي، جيڪي پنجن وقتن جون نمازون بہ پوريون نہ پڙهندا آهن، ڪڏهن بہ تہ ڪڏهن چار پڙهندا آهن، ڪڏهن فجر قضا، تہ ڪڏهن عشاء ۾ سُستي. هِي بہ انهن جو حال آهي، جيڪي دين ڏانهن رغبت رکندا آهن، نہ تہ لکين ماڻهو تہ اهڙا آهن، جيڪي مسجد ۾ ايندا ئي نہ آهن، نماز بلڪل نہ پڙهندا آهن.

ڪاش! **اصحابِ صفہ** جو اسان کي فيض نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان بہ صبح ۽ شام، ڏينهن ۽ رات، الله الله ڪرڻ وارا، درود پڙهڻ وارا، ذڪر ڪرڻ وارا، نيڪ ۽ عبادت گذار بڻجي وڃون.

گناہوں سے مجھ کو بچایا الٰہی
بُری عادتیں بھی چھڑایا الٰہی
خطاؤں کو میری مِٹایا الٰہی
مجھے نیک خصلت بنایا الٰہی [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اصحابِ صفہ جو اندازِ زندگي

پيارا اسلامي ڀائرو! **اصحابِ صفہ** اهي خوش نصيب صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم آهن، جن هزارين مشقتون برداشت ڪيون، ان جي باوجود بہ علم دين سکڻ، سيکارڻ ۽ دين جي خدمت ۾ مشغول رهيا ۞ هنن وٽ رهڻ لاءِ پنهنجا گهر نہ هئا ۞ لباس صرف ايترو هوندو هو جنهن سان سِتر مشڪل سان ڍڪجي سگهندو هو ۞ سندن ڪيترائي ڏينهن بکن ۾ گذري ويندا هئا ۞ ڪڏهن ڪڏهن تہ بک جي شدت سبب گهمڻ ڦرڻ بہ مشڪل ٿي ويندو هو، ڪجهہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم تہ بيهوش ٿي ڪري پوندا هئا.

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ، جيڪي **اصحابِ صفہ** مان آهن، اهي پنهنجن شاگردن کي پنهنجا واقعا ٻڌائيندا هئا. هڪ ڏينهن فرمايائون: اسان **اصحابِ صفہ**

[1] … وسائلِ بخشش، صفحہ:100۔

وٽ پراڻيون چادرون هونديون هيون، انهن سان ئي جسم ڍڪيندا هئاسين، ان کان سواءِ پائڻ لاءِ ڪپڙا نہ هوندا هئا. چيلهہ سِڌي ڪرڻ جي مقدار (يعني چند گرهہ) جيترو کائڻ کي بہ ڪڏهن ڪڏهن عرصو گذري ويندو هو. اسان پنهنجي پيٽن تي پٿر ٻڌندا هئاسين ۽ مٿان ڇِڪي ڪپڙو ٻَڌِي ڇڏيندا هئاسين.(1)

حضرت فُضَالہ بن عبيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ دفعو رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم نماز پڙهائي رهيا هئا، نماز جي دوران ئي ڪجهہ **اصحابِ صفہ** بک جي شدت سبب بيهوش ٿي ڪري پيا.(2)

## هڪ گرهہ سان پيٽ ڀرجي ويو

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مان ڪيترن ئي ڏينهن جو بکايل هئس، مسجد نبوي شريف ڏانهن وڃي رهيو هئس، بک جي شدت سبب هلڻ بہ مشڪل لڳي رهيو هو. هلندي هلندي مان چڪرائجي ڪري پيس. پوءِ اتي، مسجد جي طرف روانو ٿيس، ٿورو هلڻ کان پوءِ وري چڪر آيو. ائين ئي چڪرائيندو، ٿِڙندو، ٿاٻِڙجندو مسجد نبوي شريف پهتس. اتي بيڪَسَن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم منهنجي چهري تي بک جا آثار ڏٺا تہ گهران ثُرِيد (يعني شوربي ۾ ماني پوري تيار ڪيل کاڌو) گهرايو. مون کي فرمايائون: ابو هريره! وڃ، سيني **اصحابِ صفہ** کي سڏي اچ! مان سيني کي سڏي آيس، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سيني کي کاڌو کائڻ جو حڪم فرمايو، مون کي حڪم نہ ڏنائون، تنهنڪري مان هڪ طرف بيٺو رهيس. جڏهن سيئي **اصحابِ صفہ** کائي چڪا، تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن پيالو پنهنجي مبارڪ هٿن ۾ ڪنيو، ان جي ڪنارن تي جيڪو کاڌو وغيره لڳل هو اُهو پنهنجن مقدس آڱرين سان گڏ ڪيائون، جيڪو مشڪل سان هڪ گرهہ جيترو ٿيو. پوءِ فرمايائون: ابو هريره! بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي کاءُ! فرمائن ٿا: خدا جو قسم! اللّٰہ پاڪ ان هڪ لقمي ۾ ايتري تہ برڪت عطا فرمائي جو ان هڪ لقمي سان ئي

---

1 ... مسند احمد، جلد:4، صفحہ:296، حديث:8524۔

2 ... مسند احمد، جلد:9، صفحہ:706، حديث:24662۔

منھنجي بک ختم ٿي وئي.(1) سُبْحٰنَ الله!

| | |
|---|---|
| اِنَّآ اَعْطَیْنٰكَ الْكَوْثَر | ساری کثرت پاتے یہ ہیں |
| ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا | پیتے ہم ہیں، پلاتے یہ ہیں |
| رَبّ ہے معطی یہ ہیں قاسِم | رِزْق اس کا ہے کھلاتے یہ ہیں |

## ڪِيرَ ڪان مُنھُن موڙي ڇڏيائون

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو ڪِيرَ وارو واقعو تہ تمام گهڻو مشهور آهي، اسان ڪيترائي ڀيرا ٻڌو هوندو. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي بک لڳي هئي، پر ڪنهن کان گهرڻ بہ نہ پيا چاهن.

سُبْحٰنَ الله! هي بہ صحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جو ڪمال آهي جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين بک برداشت ڪري ويندا هئا، پر خودداري قائم رهندي هئي، ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ڦهلائيندا هئا ۽ ڦهلائن بہ ڇو ...؟

| | |
|---|---|
| میں در در پھروں چھوڑ کر کیوں ترا دَر؟ | اُٹھائے بلا میری احسانِ عالَم |
| میں سرکارِ عالی کے قربان جاؤں | بھکاری ہیں اس دَر کے شاہانِ عالَم |

خير! حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي بک لڳي هئي، ڪنهن کان گهرڻو ڪجهہ نہ هو تنهنڪري رستي ۾ هڪ هنڌ ويهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ، مسلمانن جا پهريان خليفا، عاشقِ اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اتان گذريا حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اڳتي وڌي ڪائنن هڪ قرآني آيت بابت سوال پڇيو، سندن دل ۾ اهو خيال هو تہ صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ چهري جا آثار ڏسي ڪاڌي جي دعوت ڏيندا، پر هنن سوال جو جواب ڏئو ۽ هليا ويا.

اجان ٿوري ئي دير گذري تہ مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو بہ اتان گذر ٿيو، حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ انهن کان بہ علمي سوال پڇيو، هنن بہ جواب ڏنو ۽ هليا ويا.

---

1... فتح الباری لابن حجر، کتاب الرقاق، باب کیف کان...الخ، جلد:11، صفحہ:349، زیرِ حدیث:6452۔

مُحتاج سے تمہارے کرتے ہیں سب کنارہ | بس اِک تمہیں ہو یاوَر تم پر سلام ہر دَم[1]

ٻئي اصحاب يقيناً باحيثيت ٻہ هئا ۽ سخي ٻہ هئا، ورهائيندا ٻہ رهندا هئا، پر شايد ڪين خبر هئي تہ هي مهمان اڄ ڪنهن ٻئي در جا آهن. خير! حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي بک لڳي هئي، صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ گذري ويا، فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ هليا ويا، پاڻ جتي وينا هئا اتي ئي وينا رهيا. ٿوري دير ڪان پوءِ بيڪسن جا آقا، رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا.

لَو وہ آیا میرا حامی، میرا غمخوارِ اُمم | آگئی جاں تنِ بے جاں میں یہ آنا کیا ہے

پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سمجهي ويا تہ ابوهريره کي بک لڳي آهي. فرمايائون: ابو هريره! منهنجي پٺيان اچ! حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سندن پويان هلڻ لڳا هلندي هلندي پياري آقا جي گهر مبارڪ پهتا. ڪنهن وٽان کير جو هڪ پيالو تحفي طور آيل هو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ابو هريره! وڃ، سڀني **اصحابِ صفہ** کي سڏ ڪري اچ!

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حڪم جي تعميل جي لاءِ روانا ٿي ويا، دل ۾ سوچي رهيا هئا تہ هڪ پيالو کير جو آهي، ايترا ماڻهو اچي ويندا تہ باقي منهنجي لاءِ ڇا بچندو؟ اهو سوچيندي سوچيندي **اصحابِ صفہ** وٽ پهچي ويا، ڪين حڪمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ٻڌايائون ۽ سڀني کي ساڻ ڪري واپس موٽي آيا. سڀئي حاضر ٿيا، هڪ قطار ۾ ويهي رهيا. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي ئي پيالو ڏنو ۽ فرمايو: ابو هريره! سڀني کي پيارِ!

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پيالو کڻي هڪ هڪ کي پيارڻ لڳا. **70** صحابہ هئا، سڀني دل کولي کير پيتو، پر پيالي ۾ کير اڃان تائين جيئن جو تيئن موجود هو. جڏهن سڀئي پي چڪا تہ محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ڏانهن نهاريو، مسڪرايو ۽ فرمايائون: ابو هريره! هاڻي مان ۽ تون بچيا آهيون. ويهہ! پهريان تون پيءُ! حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کير پيتو.

[1]... ذوقِ نعت، صفحہ:169۔

حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اجان پيءُ! ٻيهر پيتائون. فرمايائون: اجان پيءُ! ٽيون ڀيرو پيتائون. آخر ۾ عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هاڻي تہ پيٽ ۾ بلڪل بہ گنجائش نہ بچي آهي. سڀ کان آخر ۾ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ کير پيتو ۽ پيالو خالي ڪري ڇڏيائون.[1]

کیوں جنابِ بُو ہریرہ تھا وہ کیسا جامِ شیر | جس سے سَتَّر صاحبوں کا دُودھ سے مُنہ پھر گیا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي، هڪ پيالو کير جو 70 بلڪ 72 ماڻهن کي پيارڀائون ۽ مِٺي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عاجزي ڏسو! 71 ماڻهن جو بچيل کير مبارڪ سڀ کان آخر ۾ پاڻ نوش فرمايائون.

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي ۾ بہ غور ڪريو! **اصحابِ صفہ** جون حالتون ڪهڙيون هيون...؟ ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون هي ماڻهو برداشت ڪندا هئا. ايترين مشڪلاتن جي باوجود بہ هي عالِي وقار حضرات مسجد ۾ هوندا هئا، علم دين سکندا ۽ سيکاريندا هئا، دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول رهندا هئا.

## اسان ۽ اسان جا مطالبا

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي حالتون تمام گهڻيون خراب آهن، خاص طور تي جڏهن کان ڪرونا آيو آهي، ان کان پوءِ عالمي سطح تي معيشت کي وڏو ڌڪ لڳو آهي. مهانگائي تقريباً سڄي دنيا ۾ وڌي وئي آهي. ماڻهن جا انداز اهڙا ٿي ويا آهن جو جيڪڏهن ڪين ٻن جاين تي نوڪري ملي رهي آهي، هڪ دين جي خدمت جو ڪم آهي ۽ ٻيو دنياوي ڪم ڪار آهي، پگهار تہ ٻنهي جاين تان ملي رهي هوندي آهي پر ماڻهو پيڪيج پڇندا آهن تہ بهتر پيڪيج ڪٿان ملندو، مثال طور ديني اداري ۾ 30 هزار پگهار آهي ۽ دنياوي اداري ۾ 35 هزار، تہ ماڻهو دنياوي اداري کي ترجيح ڏيندا آهن.

اها وڏي تشويشناڪ حالت آهي. دين جي خدمت ڪرڻ بحيثيت مسلمان اسان جو فرض آهي. اسان مسلمان آهيون، جيڪڏهن اسان دين جي خدمت نہ

---

[1]...بخاری، کتاب الرقاق، باب کیف کان عیش...الخ، صفحہ:1587-1588، حدیث:6452۔

ڪنداسين تہ ڇا غير مسلم اچي ڪندا؟ هونئن بہ دين جي خدمت تہ اسان سيني ڪي ڪرڻي ئي آهي ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن پگهار بہ ملي رهي آهي تہ اهو تہ سون تي سهاڳي وارو ڪم آهي. الله پاڪ اسان کي جيڪا صلاحيت ڏني آهي، اها بہ تہ هڪ نعمت آهي. اسان کي قرآن پاڪ درست مخارج سان پڙهڻ اچي ٿو، پڙهائڻ اچي ٿو، الله پاڪ اسان کي علم جي دولت عطا فرمائي آهي، اها بہ تہ نعمت آهي. قيامت جي ڏينهن ان جي باري ۾ بہ سوال ڪيو ويندو، ڇا اهو نہ پڇيو ويندو تہ ۞ توهان کي قرآن سيکاريو ويو هو، توهان ڇا ڪيو؟ ۞ توهان کي عالم ڪورس ڪرڻ جي توفيق عطا ڪئي وئي، توهان دين جي ڪيتري خدمت ڪئي؟ ۞ توهان کي علم دين جي نعمت عطا ڪئي وئي، توهان ڪيترن تائين دين پهچايو؟ جي ها! روزِ قيامت اهو سوال ٿيندو. حديث شريف ۾ آهي قيامت ۾ پانهي کان پنج سوال ڪيا ويندا، جيسيتائين پانهو انهن جا جواب نہ ڏيندو، تيسيتائين ان کي ٿامي جي تتل زمين تان قدم ڪڻڻ جي اجازت نہ هوندي، انهن مان هڪ سوال هي بہ آهي تہ توهان علم ڪٿان سکيو ۽ ان تي ڪيترو عمل ڪيو.

هي سوال ٿيڻو آهي. جيڪڏهن اسان ديني اداري ۾ ڪم ڪري رهيا آهيون، پوءِ تہ اسان پنهنجي آخرت جي تياري ۾ مشغول آهيون. ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن پگهار بہ ملي رهي آهي، جيتوڻيڪ اها پنج هزار يا ڏهہ هزار گهٽ ئي ڇو نہ هجي، تڏهن بہ اها ٻيڻي (Double) فائدي جي ڳالهہ آهي جو گهر جو چرخو بہ هلي رهيو آهي ۽ دين جي خدمت بہ ٿي رهي آهي.

## شڪريا! مون کان بيان ڪرايو

محدثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ تمام وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن. هڪ ڀيري پاڻ ڪنهن محفل ۾ بيان ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويا. ميزبان غريب ماڻهو هئا، پاڻ سندن گهر بيان فرمايو.

بيان ختم ٿيڻ ڪانپوءِ، واپسيءَ وقت ان جي بدران تہ گهر وارا ڪجهہ نذرانو پيش ڪن، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي طرفان ڪجهہ رقم انهن کي پيش ڪئي. گهر جي مالڪ عرض ڪيو: ”حضور! اوهان مون کي شرمسار تہ نہ ڪريو“.

سبحان الله! الله وارن جي ڪهڙي نہ شان آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اي الله

جا ٻانها! هيءُ رقم اسان توکي شڪراني طور ڏئي رهيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ تو مون کي الله پاڪ ۽ سندس حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪرڻ جو موقعو ڏنو. (1)

اهو الله وارن جو شان آهي. ڪاش! اسان بہ اهڙو ذهن ٺاهيون.

## دنيا يا آخرت؟

هي جيڪو مون عرض ڪيو، اهو انهن ماڻهن بابت آهي، جيڪي ڪجهہ نہ ڪجهہ ديني ذهن رکڻ وارا هوندا آهن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان دين جي خدمت ڪندا رهندا آهن، جيڪڏهن عام ماڻهن جي ڳالهہ ڪجي تہ اهي تہ ڪافي حد تائين دنيا کي ئي ترجيح ڏيندا آهن ۞ ماڻهو دڪان ۽ نوڪري جي چڪر ۾ نمازون بہ قضا ڪري ڇڏيندا آهن ۞ قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏجي تہ ڪم رنڌڪ جو سبب ٻڌجي ويندا آهن ۞ ديني اجتماعن ۾ حاضري کان محرومي تي ويندي آهي ۞ راهِ خدا ۾ هڪ ڏينهن ڏيڻ لاءِ ماڻهو تيار نہ ٿيندا آهن، ڇو...؟ ان جي لاءِ تہ دنيا جو نقصان ٿي رهيو هوندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! دين جو ڪم مشڪلاتون برداشت ڪرڻ سان ئي ٿيندو آهي. هيءُ دنيا آهي، اِها اِتي ئي رهجي ويندي. بس رڳو اڪ بند ٿيڻ جي دير آهي، گاڏيون، بنگلا، ڪوٺيون ڪنهن ڪم نہ اينداء قبر ۾ ساڻُ ڪنهن کي وڃڻو آهي؟ **دين ۽ نيڪ عملن کي.** تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ لالچ کان پاسو ڪريون، چار پئسا گهٽ اچن ٿا تہ ڇا ٿي پيو؟ ۞ دين جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ ۞ نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ ۞ قرآن سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ ۞ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي لاءِ ۞ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي لاءِ ۞ درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ جي لاءِ ۞ قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ وقت ڪڍو! جيڪڏهن ٿوري قرباني ڏيڻي ٿي پوي تہ مهرباني ڪري ڏيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! ان جي برڪت سان دنيا بہ سنورجي ويندي ۽ آخرت بہ سنورجي ويندي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي:

---

1...حيات محدث اعظم پاڪستان، صفحہ:184-185 ملخصاً۔

اِنۡ تَنۡصُرُوا اللّٰهَ یَنۡصُرۡكُمۡ
(پارو: 26، سورة مُحَمّد: 7)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو.

تنهنڪري اسان دين جا خادم بڻجي وڃون، الله پاڪ اسان جا بگڙيل ڪم بڻائي ڇڏيندو.

## داتا حُضُور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ذِڪرِ خير

صَفر شريف جو مهينو آهي. 20 صَفَر تي داتا حُضُور جو ڏينهن آهي. حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رحمةُاللّٰهِعليه بَرِصغير جي مشهور ۽ معروف هستي آهن، پاڪستان جو تہ شايد ٻار ٻار سندن نالي پاڪ کان واقف آهي. سندن زندگي مبارڪ تي غور ڪيون تہ صاحِبِ فَقر بزرگ هئا، يعني پاڻ دنيا ۽ مال ۽ دولت کان بي نياز رهندا هئا، دنياوي لالچ، حِرص و هَوَس کان پاڪ، بس الله جي رِضا جي طلب ۾ زندگي گذاريندا هئا. جڏهن پاڻ لاهور تشريف فرما ٿيا ان وقت بہ گهڻو ساز ۽ سامان پاڻ سان گڏ نہ آندو هئائون، بس ائين ڪٺي چئجي تہ ظاهري طور هٿين خالي تشريف ڪٺي آيا هئا، پوءِ هتي اچي بہ شروعات ۾ ڪپڙي جي خيمي ۾ قيام فرمايائون، بعد ۾ بہ ڪونيون، بنگلا وغيره نہ ناهيائون، بس دِين جي خِدمت ۾ ئي سڄي زندگي گذاري ڇڏيائون.

اڄ تقريباً **12** صديون گذرڻ باوجود بہ سندن دربار تي هر وقت ماڻهن جو هجوم نظر ايندو آهي. ڏينهن هجي يا رات، گرمي هجي يا ٿَڌ، لڳ ساڙيندڙ گرمي هجي يا وارَ ڪانداريندڙ سردي هر وقت درِ پاڪ تي عاشقن جو هجوم ئي هوندو آهي. اهي خِدمتِ دِين جون برڪتون آهن. هنن سڀ ڪجهہ دِين جي لاءِ قربان ڪيو، الله پاڪ وڏن وڏن کي سندن قدمن ۾ جهڪائي ڇڏيو.

## لالچ کان پاڪ زندگي

داتا حُضُور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ لکن ٿا تہ هڪ ڏينهن مان پنهنجي پِيرِ ڪامل (شيخ ابو الحسن خُتَلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه) سان گڏ دِمَشق وڃي رهيو هئس، پيرين پنڌ سفر هو، بارش ٿي چڪي هئي، تنهنڪري رستي ۾ گِپَ هئي. فرمائن ٿا: مون کي هلڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي، پر جڏهن مان پِير صاحِب ڏانهن نهاريو تہ

سندن ڪپڙا ۽ جوتا خشڪ هئا، انهن تي بلڪل بہ گپَ نہ لڳي هُئي. مون حيرت مان ان جي حڪمت پڇي تہ فرمايائون: **جڏهن ڪان مون تَوَڪُّل اختيار ڪيو آهي ۽ دل مان لالچ کي دور ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن ڪان الله پاڪ مون کي گپ ڪان بچائي ڇڏيو آهي.** (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو نہ اعليٰ شان آهي...!! معلوم ٿيو تہ جيڪو شخص دل مان دنيا جي حرص ۽ لالچ ڪڍي، صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جو ٿي ويندو آهي، ان ڏانهن ئي توجهہ رکندو آهي، ان تي ئي ڪامل ڀروسو ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي دنياوي گندگين ۽ ان جي براين ڪان بچائي وٺندو آهي.

اچو تہ! دعا ڪريون:

محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں | پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی! (2)

الله پاڪ اسان کي بہ توفيق عطا فرمائي، ڪاش! **اَصحابِ صُفہ** جو فيضان اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي، اسان بہ راهِ خدا ۾ قربانيون پيش ڪيون، هونئن تہ الله بچائي پر پوءِ بہ ان راهہ ۾ جيڪڏهن مشقت اچي، مصيبت اچي، پريشانيون اچن، تڏهن بہ صبر سان ثابت قدم رهون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿي وينديون. الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! صحيح اسلامي عقيدا سکڻ، عشقِ مصطفيٰ سان دل کي منور ڪرڻ، صحابہ ۽ اهل بيتِ اَطهَار رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جي محبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. 12 ديني ڪمن ۾ حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع بہ آهي.

---

1... كشف المحجوب،باب فى فرق فرقهم...الخ، الكلام فى ذكر كراماتهم، صفحہ:291۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:105۔

توهان کي التجا آهي تہ هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا رهو! ۞ دِيني اجتماع ۾ ويهڻ ۽ ذِڪْر ڪرڻ وارن جو اهڙو تہ شان آهي جو حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو جيڪو انهن جي محفل ويهندو آهي اهو بہ بدبخت نہ رهندو آهي. (1)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هفتيوار اجتماع ۾ ذِڪْر ٿيندو آهي ۞ عِلْمِ دِين بہ سکڻ لاءِ ملندو آهي ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ۞ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ۞ هڪ اهم برڪت اها تہ دِيني اجتماع لاءِ وڃڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي، هفتيوار اجتماع ۾ تشريف ڪٽي ايندؤ تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهر مان نڪرڻ کان وٺي واپس موٽڻ تائين سمورو وقت راهِ خدا ۾ شمار ٿيندو. هر جمعرات پابندي سان هفتيوار اجتماع ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت جي نيت ڪري وٺو. اچو تہ ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## اجتماع ۾ شرڪت جي لذت

هڪ اسلامي ڀاءُ جي خط جو خلاصو آهي تہ منهنجو تعلق بدمذهب گهراڻي سان هو. دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿيڻ جي سعادت ائين نصيب ٿي جو هڪ دفعو دعوتِ اسلامي جي عاشقِ رسول اسلامي ڀاءِ سان ملاقات ٿي. هن مون کي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، جنهن کي مون نہ چاهيندي بہ قبول ڪري ورتو. جڏهن مان اجتماع ۾ شريڪ ٿيس تہ اتي ٿيندڙ پرسوز بيان ۽ رقت انگيز دعا منهنجي دل ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، جنهن سبب مون کي قلبي سڪون حاصل ٿيو، بس پوءِ تہ اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجو معمول بڻجي ويو. گهر وارن کي خبر پئي تہ هنن رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون. اللّٰه پاڪ جي عطا ڪيل توفيق سان مان ڪنهن نہ ڪنهن طرح اجتماع ۾ پهچي ئي ويندو هيس. هاڻي منهنجو نيڪيون ڪرڻ جو جذبو روز بروز وڌندو پئي ويو. منهنجي اخلاق ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي وئي، گهر وارن جڏهن منهنجي اخلاق ۽ ڪردار ۾ تبديلي ايندي ڏٺي تہ آهستي آهستي هنن بہ نرمي اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! اجتماع جي برڪت سان

1... مسلم، صفحہ:1037، حديث:2689۔

درست عقيدا اختيار ڪرڻ، مٿي تي عمامو شريف سجائڻ ۽ سنت جي مُطابِق ڏاڙهي رکڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
سلامت رہے یاخدا دینی ماحول | بچے بد نظر سے سدا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فتاويٰ رضويہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي عالمگير ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي "آئي ٽي شعبي" پاران هڪ تمام بهترين موبائل ايپلي ڪيشن، **"فتاويٰ رضويہ (Fatawa Razvia)"** جي نالي سان جاري ڪئي وئي آهي.

۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاويٰ رضويہ جون تمام جلدون شامل آهن ۽ هر جلد جي ذيل ۾ رسالن ۽ عنوانن جي مختصر فهرست پڻ ڏني وئي آهي.

۞ فتاويٰ رضويہ جا سمورا رسالا (جيڪي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان پڇيل سوالن جي جواب ۾ تحرير فرمايا هئا انهن) جي هڪ الڳ فهرست پڻ موجود آهي. ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ هڪ تمام شاندار سهولت ايڊوانس سرچ (Advanced Search) جي آهي، جنهن جي مدد سان اوهان پنهنجو گهربل مواد وڏي آسانيءَ سان ڳولي سگهو ٿا. ان سان گڏوگڏ، ڪنهن خاص جلد يا ڪنهن خاص رسالي اندر بہ سرچ ڪرڻ جي سهولت موجود آهي.

۞ ڪنهن بہ جلد کي منتخب ڪري، ان ۾ گهربل صفحي (Page) تي سڌو سنئون وڃي سگهجي ٿو.۞ لفظن جي سائيز (Font Size) کي بہ پنهنجي مرضيءَ مطابق ننڍو يا وڏو ڪري سگهجي ٿو. ۞ ايپلي ڪيشن ۾ موجود ڪنهن بہ پسند آيل مواد کي نوٽس (Notes) واري فيچر ۾ لکي محفوظ ڪري سگهجي ٿو، ان کي پسنديده (Favorites) لسٽ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ ٻين سان شيئر (Share) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

۞ هر چنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي به مدني چينل تي رات جو تقريباً **9** لڳي **30** منٽن تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو ۞ شيخ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ دِيني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **سجدي جون فضيلتون** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ اِلٰهي ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر **(Share)** ڪريو! ۞ امير اهلسنّت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي قلم سان لکيل، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عشق و محبّت، علم و تقويٰ ۽ سندن زندگي مبارڪ جي تذڪري تي مشتمل سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيل **2** رسالا **(1): امام احمد رضا جو تذڪرو (2): بريلي کان مديني تائين**. مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **15/15** رپين ۾ خريد ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پاڻ به مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

## شعبہ حج ۽ عمري جو اعلان

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اهي عاشقانِ رسول جيڪي **گورنمينٽ اسڪيم حج پاليسي** 2026ع **پاڪستان** تحت حج تي وڃڻ جو ارادو رکن ٿا ۽ دعوتِ اسلامي جي شعبي حج ۽ عمرو جي حج گروپن ۾ شامل ٿي، هن مقدس فريضي کي ادا ڪرڻ چاهين ٿا، اهي دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net جي ذريعي پنهنجو **”حج معاونت فارم“** آن لائن جمع ڪرائين.

وڌيڪ معلومات لاءِ اجتماع ڪانپوءِ شعبي حج ۽ عمره جي بستن تي موجود اسلامي ڀائرن ڪان يا هنن نمبرن تي رابطو فرمائين!

03705065072 - 03700032626

## 1500 سالا جشنِ ولادت

پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول شريف وڏين عظمتن، فضيلتن ۽ سعادتن وارو مهينو آهي. هن مهيني ۾ اسان جا آقا ۽ مولا، رحمتن وارا، عظمتن وارا، شانن وارا نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جو ٻچو ٻچو هن مهيني سان محبت ڪري ٿو. ۽ هجي ڇو نه...؟

ربیعِ پاک تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ قرباں ہوں | کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا(1)

هن ڀيري ته ربيع الاول شريف اڃا به وڌيڪ خاص آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڀيري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو 1500 سالہ جشنِ ولادت اچي رهيو آهي.

سرکار کی آمد! مرحبا | دلدار کی آمد! مرحبا | مکی کی آمد! مرحبا | مَدَنی کی آمد! مرحبا
مرحبا! یا مصطفیٰ! | مرحبا! یا مصطفیٰ! | مرحبا! یا مصطفیٰ! | مرحبا! یا مصطفیٰ!

تمام عاشقانِ رسول 1500 سالہ جشنِ ولادت جون ڀرپور تياريون فرمائن. ۞ پنهنجن علائقن ۾ خوب چراغان ڪيو. ۞ هر گهر، عمارت ۽ گاڏيءَ تي مدني جهنڊو لڳرائڻ جي ڪوشش ڪريو! ۞ صبحِ بهاران ۽ جلوسِ ميلاد لاءِ هينئر ڪان ئي اسلامي ڀائرن جي ذهن سازي ڪيو. اللّٰه پاڪ چاهيو ته آقا جا ديوانا هن سال 1500 هون جشنِ ولادت خوب ڌوم ڌام سان ملهائيندا.اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم

دھوم ہے عطّار ہر سو شاہ کے میلاد کی
جھوم کر تم بھی پُکارو! مرحبا یا مصطفیٰ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... قبالهٔ بخشش، صفحه:55.

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سُنت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنت سان محبت ڪئي، اُن مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## تَوَاضع يعني عاجزي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو اللّٰه پاڪ لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.[2] **(2):** افضل عبادت تَوَاضُع (يعني عاجزي) آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! تَوَاضُع (يعني عاجزي ڪرڻ) سُنتِ مصطفيٰ آهي ۞ اسان جا آقا ومولِيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تمام وڏي رُتبي وارا آهن، اللّٰه پاڪ ڪان پوءِ سڀني ڪان اعليٰ رُتبو سندن جو ئي آهي، ان سان گڏوگڏ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن جو شانِ تَوَاضُع بہ عالَم ڪان نرالو هو، اللّٰه پاڪ کين اختيار ڏنو هو تہ چاهن تہ شاهي زندگي بسر فرمائن يا وري چاهن تہ بندگي ۽ فقر واري زندگي اختيار فرمائن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بندگي ۽ فقر کي اختيار فرمايو ۞ خادمن سان گڏ ويهي کاڌو تناول فرمائيندا هئا ۞ غلامن جون دعوتون قبول فرمائيندا هئا ۞ مسڪينن جي تيمارداري ڪندا هئا ۞ فقيرن سان گڏ ويهندا هئا ۞ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم سان گڏ ملي جلي رهندا هئا ۞ پنهنجا ڪم پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا ۞ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم اڳتي وڌي خدمت ڪرڻ چاهيندا هئا تہ فرمائيندا هئا: اِهو سچ آهي تہ توهان منهنجا سمورا ڪم ڪري ڇڏيندؤ پر **مون کي اهو**

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2...جَامِع صَغِير، صفحہ:522، حديث:8605۔
3...شُعَبُ الْاِيْمَان، فصل:فی التواضع، جلد:6، صفحہ:278، حديث:8148۔

**پسند نہ آهي تہ مان اوهان جي وچ ۾ ڪنهن امتيازي شان سان رهان.** [1]

| | |
|---|---|
| کبھی جَو کی موٹی روٹی تو کبھی کھجور پانی | ترا ایسا سادہ کھانا مدنی مدینے والے |
| ہے چٹائی کا بچھونا کبھی خاک ہی پہ سونا | کبھی ہاتھ کا سِرہانا مدنی مدینے والے |
| تِری سادگی پہ لاکھوں تِری عاجزی پہ لاکھوں | ہوں سلام عاجِزانہ مدنی مدینے والے |

مختلف سُنّتون سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جي **بهارِ شريعت** جلد:3 مان حِصّو 16 ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو **550 سُنّتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سُنّتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن ڀريو سفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| آؤ مدنی قافِلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر |
| تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے مدنی قافلے | میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

---

1...سيرت مصطفٰى، صفحہ:606-609.

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص ھر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) ھن دُرُود شريف کي پابندي سان گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڀيرو پڙھندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنھنجي ھٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رھيا آھن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آھي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص ھي دُرُود شريف پڙھي جيڪڏھن بيٺل ھو تہ ويھڻ کان پھريان ۽ ويٺل ھو تہ بيھڻ کان پھريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[3]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3... القول البديع، الباب الثانی، ص277

تيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرۡضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [4]

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
4... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455